**नामांक** **Roll No.**

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

No. of Questions : 18

No. of Printed Pages : 8

# SS-23-Sindhi Sah.

## सिन्धी साहित्य (SINDHI SAHITYA)

## उच्च माध्यमिक परीक्षा, 2020

**समय : 3¼ घण्टे**

**पूर्णांक : 80**

**شاگردن لاءِ ضروري هدايتون :**

(1) سڀ سوال ڪرڻ ضروري آهن.

(2) هرهڪ سوال جي سامهون مارڪون ڏنل آهن.

**शागिर्दनि लाइ ज़रूरी हिदायतूं**

(1) सभु सुवाल करणु ज़रूरी आहिनि।

(2) हरहिक सुवाल जे साम्हूं मार्कूं ड्डिनल आहिनि।

**هيٺ ڏنل ٽڪري کي ڌيان سان پڙهي سوالن جا جواب لکو :**

ڪم يا هاج بہ اِنسان لاءِ وڏي برڪت آهي. جو اِنسان ڪم ۾ رڌل نہ آهي، جنهنجو بدن يا من ڪنهن ڪار ۾ نہ آهي، تنهن لاءِ حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ بہ مصيبت آهي. هرهڪ اَهڙي جيوَ وانگر آهي، جو نگري مرض ۾ مبتلا ٿي بستري داخل هجي ۽ هردم سرد آهون ڀري موت لاءِ واجهائيندو هجي. پئسي يا جايداد وارا بہ هن يا هُن ڪميٽيءَ جي ميمبريءَ يا هن يا هُن جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تڙپن ۽ ڪين جهڙن ماڻهن جي ڪاڻ ٿا ڪڍن، سو نہ رڳو مشهوري لاءِ، پر وڌيڪ مشغولي هٿ ڪرڻ لاءِ تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪِرت ۾ سندس جسم ۽ دماغ رڌل رهن. ڪم کان سواءِ هئڻ بہ برُ ٿيڻ آهي. جن کي مشغولي ڪانهي، تن کي لاچار دنگو فساد ڪري بہ پنهنجي هاج ايجاد ڪرڻي پوي ٿي.

1. مٿئين ٽڪري جو سُهڻو سِرو لکو. (1)
2. ڪهڙن ماڻهن لاءِ حياتيءَ جا ڏينهن ڪاٽڻ مصيبت آهن؟ (1)
3. بنا ڪم اِنسان ڇا-ڇا ڪندو آهي؟ (1)
4. هن ٽڪري مان اَسانکي ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟ (1)
5. ضد لکو : مشغولي (1)

**हेठि लिखियल टुकिरे खे ध्यान सां पढ़ी सुवालनि जा जवाब लिखो :**

**कमु या हाज बि इन्सान लाइ वड्डी बरकत आहे। जो इन्सान कम में रुधल न आहे, जहिंजो बदन या मन कंहिं कार में न आहे, तंहिं लाइ हयातीअ जा ड्डींहं कातिणु बि मुसीबत आहे। हू हिक अहिड़े जीव वांगुर आहे, जो निगुरे मर्ज़ में मुबतला थी बिस्तरे दाख़िल हुजे ऐं हरदमि सर्द आहूं भरे मौत लाइ वाझाईन्दो हुजे। पैसे या जायदाद वारा बि हिन या हुन कमेटीअ जी मेम्बरीअ या हिन या हुन जलसे में शरीक थियण लाइ तड़फनि ऐं कीन जहड़नि माण्हुनि जी काणि था कढनि, सो न रुग्गो मशहूरीअ लाइ, पर वधीक मश्ग़ूली हथि करण लाइ त कंहिं न कंहिं कृत में संदनि जिस्म ऐं दिल दिमाग़ रुधल रहनि। कम खां सवाइ हुअण बि बिरु थियणु आहे। जिनि खे मश्ग़ूली कान्हे, तिनिखे लाचार दंगो फ़साद करे बि पंहिंजी हाज ईजाद करणी पवे थी।**

1. मथिएं टुकिरे जो सुहिणो सिरो लिखो। (1)
2. कहिड़नि माण्हुनि लाइ हयातीअ जा ड्डींहं काटिण मुसीबत आहिनि? (1)
3. बिना कम इंसान छा-छा कंदो आहे? (1)
4. हिन टुकिरे मां असां खे कहिड़ी सिख्या मिले थी? (1)
5. ज़िद लिखो : मश्ग़ूली (1)

6. ڪنهن بہ هڪ وشيہ تي مضمون لکو : (اَٽڪ 200 لفظن ۾) (10)

(i) ڀارت ۾ وڌندڙ آنلائين واپار

(ii) يوگہ جي مهما

(iii) نؤجوان ٽهيءَ موبائيل فون

(iv) پنهنجي جيون جو اڻوسرندڙ ڏينهن

6. **कंहिं बि हिक विषय ते मज़मून लखो : (अटिकल 200 लफ़्ज़नि में)** **(10)**

(i) **भारत में वधन्दड़ ऑनलाईन वापार।**

(ii) **योग जी महिमा ।**

(iii) **नौजवान टही ऐं मोबाईल फोन ।**

(iv) **पंहिंजे जीवन जो अणविसरंदड़ ड्रींहुं ।**

7. **پنهنجي اسڪول جي پرنسيپال کي اسڪول ۾ ’سنڌي لاڏا‘ چٽاڀيٽي ڪرائڻ لاءِ درخواست لکو.** (5)

**يا**

**توهان ڪوٽا جا رهواسي آهيو. توهان پنهنجي دوست يا ساهيڙيءَ کي ڪوٽا جي دشهري ميلي ۾ گهرائڻ لاءِ خط لکو.**

7. पंहिंजे स्कूल जे प्रिन्सीपाल खे स्कूल में 'सिन्धी लाडा' चटाभेटी कराइण लाइ दरख्वासत लिखो। (5)

**या**

**तव्हां कोटा जा रहवासी आहियो, तव्हां पंहिंजे दोस्त या साहिड़ीअ खे कोटा जे दशहरे मेले में घुराइण लाइ खतु लिखो।**

8. هيٺين مان ڪن بہ پنجن اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو : (5)

(i) آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ

(ii) اَکين ۾ ڌوڙ وجهڻ

(iii) ڏٺي مکہ ڳيهڻ

(iv) اَندر جو ڪارو هئڻ

(v) جوڳہ پچائڻ

(vi) ڳالهہ رهجي اَچڻ

(vii) ڳالهہ کي ڳنڍ ٻڌڻ

**8. हेठियनि मां किनि बि पंजनि इस्तलाहनि जी माना लिखी जुमिले में कमि आणियो : (5)**

(i) **आसमान सां ग॒ाल्हियूं करण**

(ii) **अखियुनि में धूड़ि विझणु**

(iii) **ड॒िठी मखि ग॒ीहणु**

(iv) **अन्दर जो कारो हुअण**

(v) **जोग॒ पचाइण**

(vi) **ग॒ाल्हि रहिजी अचण**

(vii) **ग॒ाल्हि खे ग॒ुंढि ब॒धण**

9. دوهو ڇاکي چئبو آهي؟ (2)

**9. दोहो छा खे चइबो आहे ? (2)**

10. هائيڪو جي معنيٰ لکي، مثال ڏيو. (3)

**10. हाईको जी माना लिखी मिसाल ड॒ियो। (3)**

11. حوالو سمجهايو. (4)

’’ڪائنات جي هر چيز پيئي ڦري ۽ اَسين چئون ته وقت پيو ڦري.‘‘

يا

’’مان ڏيئا نٿو وڪڻان، مان روشني وڪڻان ٿو. جنهن روشني ڪان مان وانجهيل آهيان، اُها روشني وڪڻان ٿو.‘‘

**11. हवालो समझायो।** **(4)**

‘‘काइनात जी हर चीज़ पेई फिरे ऐं असीं चऊं त वक्तु पयो फिरे।’’

**या**

‘‘मां ड्रीआ नथो विकिणां, मां रोशिनी विकिणां थो, जंहिं रोशनीअ खां मां वांझियलु आहियां, उहा रोशिनी विकिणां थो।’’

12. هيٺين مان ڪن به ٽن سوالن جا جواب ڏيو : (اٽڪل 20-30 لفظن ۾) (2+2+2=6)

(i) ساري گرنار ۾ غلغلو ڇو مچي ويو؟

(ii) قدرت ڪهڙي ڪهڙي روپ ۾ اَسانجي ويجهو اَچڻ چاهي ٿي؟

(iii) ’منهنجو تجربو‘ رچنا ۾ انسان کي ڪهڙي سکيا ملي ٿي؟

(iv) ساڌو واسواڻيءَ تعليم جي کيتر ۾ ڪهڙو ڪم ڪيو؟

(v) ٽپال ٽڪلين جي ڪهڙي اَهميت آهي؟

**12. हेठियनि मां किनि बि टिनि सुवालनि जा जवाब ड्डियो : (अटिकल 20-30 लफ़्ज़नि में)** **(2+2+2=6)**

(i) सारे गिरनार में गिलगिलो छो मची वियो?

(ii) कुदरत कहिड़े-कहिड़े रूप में असांजे वेझो अचण चाहे थी?

(iii) ‘मुंहिंजो तज़ुर्बो’ रचना में इन्सान खे कहिड़ी सिखया मिले थी ?

(iv) साधु वासवाणीअ तइलीम जे क्षेत्र में कहिड़ो कमु कयो ?

(v) टपाल टिकिलियुनि जी कहिड़ी अहिमियत आहे ?

13. هيٺين مان ڪن ٻن سوالن جا جواب اٽڪل 50-60 لفظن ۾ لکو : (5+5=10)

(i) پارليامينٽ ميمبر بڻجڻ کان پوءِ ليکڪ جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ ڪهڙي تبديلي آئي؟

(ii) جميتراءِ هڪ ٻيو ورهاڱو ڇو نه ٿي چاهيو ؟

(iii) ”جذبو“ ايڪانڪي مان توهان کي ڪهڙي ڪردار متاثر ڪيو ڇو ؟

**13. हेठियनि मां किनि बि ब्रिनि सुवालनि जा जवाब अटिकल 50-60 लफ़्ज़नि में लिखो : (5+5=10)**

(i) **पार्लियामेंट मेम्बर बणिजण खां पोइ लेखक जी रहिणी कहिणीअ में कहिड़ी तब्दीली आई ?**

(ii) **जमियतराइ हिकु ब्रियो विरहाङो छो न थे चाहियो ?**

(iii) **''जज़्बो'' एकांकी मां तव्हांखे कहिड़े किरदार मुतासिर कयो ऐं छो ?**

14. حوالو لکي معنيٰ سمجهايو. (4)

”سدائين نرمل، ساڌو جن سنسار ۾

ليپُ نه لڳي تن کي، جيئن جل رهن ڪنول

اَندر سم سيتل، ٻاهر تتا تاو جان.“

يا

وطن ويو جن هٿان، ناهي تن آرام

ڪڏهن وسري ڪين ڪي ڪنهن کان پنهنجو ڳام

نديون هت به جام، پر سنڌوءَ ۾ ڪو ساهه ٿن.

**14. हवालो लिखी माना समझायो । (4)**

**सदाईं निर्मल, साधू जन संसार में,**

**लेपु न लगे तनि खे, जीअं जलि रहे कंवलि**

**अंदरि सम सीतलु, ब्राहिर ततं ताव जां।**

**या**

**वतन वियो जिन हथां, नाहे तिन आरामु**

**कडुहिं विसरे कीन की कंहिंखां पंहिंजो गामु**

**नदियूं हित बि जाम, पर सिंधूअ में को साहु थनि।**

15. هيٺين مان ڪن به ٽن سوالن جا جواب اٽڪل 30 لف ن ۾ لکو : (2+2+2=6)

(i) اَسان جيڪو ڪُنو چاڙهيو آهي اُن جو ڍڪڻ هيءُ نينگر لاهيندو.'' هيءُ لف ڪنهن، ڪنهنجي لاءِ چيا؟

(ii) وم جي ت ديرکي تدبير سان ڪيئن چمڪائي سگهجي ٿو؟

(iii) ڪويءَ پکين جي ڏانو جو ڪهڙو ذڪر ڪيو آهي؟

(iv) ’سنڌو ساگر‘ ڪويتا جو مُکيہ اُديشيہ ڪهڙو آهي؟

(v) ٻارن کي بکيو ڇو ٿو سُمهاريو وڃي؟

15. हेठियनि मां किनि बि टिनि सुवालनि जा जवाब अटिकल 30 लफ़्ज़नि में लिखो : (2+2+2=6)

(i) ''असां जेको कुनो चाढ़ियो आहे उन जो ढकणु हीउ नींगरु लाहींदो।'' हीउ लफ़्ज़ कंहिं, कंहिंजे लाइ चया ?

(ii) कौम जी तकदीर खे तदबीर सां कीअं चिमकाए सघिजे थो ?

(iii) कवीअ पखियुनि जे डुांव जो कहिड़ो ज़िकिर कयो आहे ?

(iv) 'सिन्धु सागर' कविता जो मुख्य उद्देश्य कहिड़ो आहे ?

(v) ॿारनि खे बुखियो छो थो सुम्हारियो वञे ?

16. ’’زندگي‘‘ ڪويتا جو سار پنهنجي لف ن ۾ لکو. (5)

يا

’’پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ‘‘ جو جيون پريچيہ لکو.

16. ''जिन्दगी'' कविता जो सारु पंहिंजे लफ़्ज़नि में लिखो । (5)

या

''पदमश्री राम पंजवाणी'' जो जीवन परिचय लिखो।

17. ’’سنڌو ۽ سنڌي‘‘ ڪويتا ۾ شاعر ڇا جو بيان ڪيو آهي؟ (5)

يا

’’اکر جو اَگهي‘‘ غزل ۾ شاعر لڇمڻ دُٻي ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

17. ''सिन्धु ऐं सिन्धी'' कविता में शाइर छा जो ब्यानु कयो आहे ? (5)

या

''अखर जो अघे'' गज़ल में शाइर लछमण दुबे कहिड़ो संदेश ड्रिनो आहे ?

18. هيٺين مان ڪي ٻه ٻه سوال ڪريو : (5+5=10)

(i) 'اجھو' ناول جي ڪهاڻي پنهنجن لفظن ۾ لکو.

(ii) 'اجھو' ناول جون خوبيون لکو.

(iii) 'اجھو' ناول جي نائڪ جو چرتر چترڻ ڪيو.

**18. हेठियनि मां के बि ब्रु सुवाल करियो :** **(5+5=10)**

(i) **'अझो' नाविल जी कहाणी पंहिंजनि लफ़्ज़नि में लिखो।**

(ii) **'अझो' नाविल जूं ख़ूबियूं लिखो ।**

(iii) **'अझो' नाविल जे नाटक जो चरित्र चित्रण कयो ।**

---